# جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# جو پاڙيسري

**08-February-24**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

8 فيبروري 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... بارگاهِ رسالت مان ڇا گهري سگهون ٿا

✿...آقا جو پاڙو ئي گهرندا ڪيو!

✿... آقا جو پاڙيسري بڻائڻ وارا اعمال

✿... ڏيءَ ڄڻ جنت جي ٽڪيٽ آهي...!!

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان سڀني کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو سڀني کان وڌيڪ مون تي درود شريف پڙهندو هوندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! درود شريف ڪيتري اعليٰ نيڪي آهي.....!! هن جي برڪت سان قُربِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نصيب ٿيندو آهي. الحاج مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: قيامت ۾ سڀني کان وڌيڪ آرام ۾ اهو هوندو جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ رهندو ۽ حضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قربت نصيب ٿيڻ جو ذريعو درود شريف جي ڪثرت آهي. هن حديث شريف مان معلوم ٿيو ته درود شريف بهترين نيڪي آهي جو تمام نيڪين سان جنت ملندي آهي ۽ درود پاڪ پڙهڻ سان سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قربت ملندي آهي.

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لوں رضا | لوٹ جاؤں پاکے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں (2)

وضاحت: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق جو جوش ڏسو! فرمائي رهيا آهن: اي

---

1 ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جاء فی فضل الصلاة...الخ، صفحه:144، حدیث:484

2 ...حدائقِ بخشش،صفحه:104۔

رضا قيامت جي ڏينهن مان رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عشق ۽ محبت جا مزا ماڻيندس، جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامنِ ڪرم هٿ ايندو ته عشق ۽ محبت ۾ جهومڻ لڳندس.

الله پاڪ اسان کي محشر جي ميدان ۾ بلڪ دنيا ۾، سڪرات ۾، قبر ۾، ميزان تي، پلصراط تي، هرهر مقام تي مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٿڌي ڇانوَ نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نزع میں، گور میں، میزاں پہ، سرِ پُل پہ، کہیں
نہ چھٹے ہاتھ سے دامانِ مُعلّٰی تیرا
کس کا مُنہ تکیے! کہاں جائیے! کس سے کہیے!
تیرے ہی قدموں پہ مِٹ جائے یہ پالا تیرا[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁ علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيترو دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ

---

1...حدائقِ بخشش،صفحه:17، 31 بتقديم و تاخير-

2... بخاري، ڪتَابِ بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1-

كشادي كندس، ✿ ڏکو وغيره لڳو تہ صبر كندس، ✿ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام كندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش كندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ آءٌ هتي هڪ نهايت منفرد، ۽ ايمان اَفروز موضوع کڻي حاضر ٿيو آهيان، اُميد آهي تہ هن موضوع جو نالو ئي ٻڌي عاشقن جون دليون جهومڻ لڳنديون، روح خوش ۽ ايمان تازو ٿي ويندو. موضوع ان عظيم الشان ۽ اعليٰ نعمت جي متعلق آهي جو هڪ سچو عاشق رسول سڄي عمر ان نعمت جي خواهش كندو آهي، ان جي لاءِ تڙپندو آهي، ان جي لاءِ دعا كندو آهي ۽ الله پاڪ جي رحمت سان آس لڳائي ان نعمت ملڻ جو انتظار كندو آهي، موضوع ڪهڙو آهي؟ ٿورو دل تي هٿ رکي ڪري ٻڌو! اسان جو اڄوڪو موضوع آهي: **جنت ۾ آقا جو پاڙيسري**.

چا تہ ايمان افروز موضوع آهي....!! ٿورو عاشقن جي امام، اعلي حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تمنا ٻڌو! لکن ٿا:

جنّت نہ دیں، نہ دیں تری رُویَت ہو خیر سے
اس گل کے آگے کس کو ہَوَس برگ و بر کی ہے
شربت نہ دیں، نہ دیں، تو کرے بات لطف سے
یہ شہد ہو تو پھِر کسے پروا شکر کی ہے [(1)]

---

1 ...حدائقِ بخشش، صفحہ:227۔

**وضاحت:** يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت عطا ٿيڻ يا نہ ٿيڻ الله پاڪ جي مرضي آهي، منهنجي خواهش اها آهي تہ اهڙي جاءِ نصيب ٿي وڃي جتان ڪان اوهان جو ديدار ٿيندو رهي، هي ڳُل نصيب ٿي وڃي تہ پوءِ جنت جا ڳل (يعني اُتان جي نعمتن) جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مون کي جنت جي پاڪيزه شراب ملي يا نہ ملي، البت اها سعادت ملي وڃي تہ اوهان پنهنجي همڪلامي جو شرف عطا فرمايو. اوهان جي پياري پياري آواز جي مناڻ نصيب ٿي وڃي تہ پوءِ ٻي ڪنهن مناڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

هي عاشقن جي آرزو هوندي آهي تہ الله پاڪ جي رحمت ۽ پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! جنّت تہ ملي ئي ويندي، ڪاش! **جنت ۾ آقا ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو پاڙو** بہ نصيب ٿي وڃي. اسان پنهنجي هن آرزو کي پورو ڪرڻ، هن عظيم الشان نعمت جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ ڇا ڪري سگهون ٿا؟ ان جي لاءِ اَڄ اسان اُن نيڪ اعمال جو ذڪر ٻڌنداسين، جن تي **جنت ۾ آقا ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو پاڙو** ملڻ جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. سڀ ڪان پهريان اچو! هڪ ايمان اَفروز **حديث پاڪ** ٻڌون ٿا:

## مون کي جنت ۾ پنهنجو پاڙيسري بڻائجان

حضرت ربيعه اسلمي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ صحابي رسول آهن، اَصحابِ صُفَّہ مان آهن، الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خادم هئا، سفر توڙي اقامت جي حالت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صحبت جو شرف ماڻيندا هئا. پاڻ فرمائن ٿا: مان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُجري مبارڪ جي ويجهو ئي رات گذاريندو هيس (تہ جيئن وضو جي لاءِ پاڻي يا مسواڪ وغيره ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت هجي تہ پيش ڪري سگهان)، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادتِ ڪريمہ هوندي هئي تہ رات جو جڏهن بيدار

ٽيندا هئا ھي ڪلمات پڙھندا هئا: سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡن، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمۡدِهٖ(1)

هڪ دفعي جو واقعو آهي، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ننڍ مان سجاڳ ٿيا تہ مان وضوءَ جي لاءِ پاڻي ۽ مسواڪ وغيره کڻي حاضر ٿيس. (منهنجي اها خدمت ڏسي رحمت جو درياءُ جوش ۾ آيو، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سخاوت جو دروازو کوليندي) فرمايو: سَلۡ! اي ربيعہ! گُهر! مون عرض ڪيو: اَسۡاَلُكَ مُرَافَقَتَكَ فِي الۡجَنَّةِ يعني يارسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان کان جنت ۾ اوهان جو پاڙو گهران ٿو.[2]

سائل ہوں ترا، مانگتا ہوں تجھ سے تجھی کو

معلوم ہے مجھ کو تری اِقرار کی عادت

حضرت جميل رضوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

میں تری دَین کے قربان کہ تیرے منگتا

تجھ سے جو چاہتے ہیں مانگ لیا کرتے ہیں (3)

هونئن تہ ربيعہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡه سڀ ڪجھ ئي گهري ورتو، پر منهنجا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سخين جا سخي آهن، سندن عطائن جو شان ئي نرالو آهي.

میرے کریم سے گر قطرہ کسی نے مانگا

دریا بہا دیئے ہیں، دُرّ(موتی) بے بہا(بے شمار) دیئے ہیں (4)

---

1...نسائی،کتاب قیام اللیل و تطوع النہار،باب ذکر ما یستفتح بہ القیام،صفحہ:282،حدیث:1615۔

2 مسلم،کتاب الصلاۃ ،باب فضل السجود و الحث علیہ،صفحہ:184،حدیث:489 ملتقطًا۔

3...قبالۂ بخشش،صفحہ:187۔

4 ...حدائقِ بخشش،صفحہ:102۔

حضرت ربيعه رَضِیَ اللہ عَنْہُ **جنت ۾ آقا جو پاڙو** گهري چڪو هيو، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَوَ غَيْرَ ذٰلِكَ يعني ڇا ٻيو به ڪجهه گهرجي؟ عرض ڪيائين: هُوَذَاكَ يعني اهو ئي ڪافي آهي.[1]

| | |
|---|---|
| فضلِ رَبُّ العُلیٰ اور کیا چاہیے | مل گئے مصطفےٰ اور کیا چاہیے |
| دامنِ مصطفےٰ جن کے ہاتھوں میں ہے | اُن کو روزِ جزا اور کیا چاہیے |
| نعمتیں دونوں عالم کی دے کر ہمیں | پوچھتے ہیں بتا اور کیا چاہیے |

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت ربيعه رَضِیَ اللہ عَنْہُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم! اها ئي طلب آهي ته **جنت ۾ اوهان جو پاڙو** نصيب ٿي وڃي، اُن تي رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو: فَاَعِنِّى عَلٰى نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُود يعني ڪثرت سان سجدا ڪري پنهنجي نفس تي منهنجي مدد ڪر![2]

مالک ہیں خزانۂ قُدرَت کے، جو جس کو چاہیں دے ڈالیں
دی خُلد جنابِ رَبیعہ کو، بگڑی لاکھوں کی بنائی ہے (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان جا آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم مختارِ ڪُل آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن ايمان اَفروز روايت ۾ اسان جي سکڻ لاءِ ڪوڙ سارا سبق آهن. مثال طور هڪ ڳالهه ته هي سکڻ جي لاءِ ملي ته پيارا آقا، مڪي

1 مسلم،کتاب الصلاۃ ،باب فضل السجود و الحث علیہ،صفحہ:184،حدیث:489 ملتقطاً۔
2 مسلم،کتاب الصلاۃ ،باب فضل السجود و الحث علیہ،صفحہ:184،حدیث:489 ملتقطاً۔
3...دیوانِ سالک،صفحہ:52۔

مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم مُختارِ ڪُل آهن، ڪين اهو اختيار ڏنو ويو آهي ته جنهن کي جيڪو چاهين عطا ڪن، جڏهن چاهين عطا ڪن، جيئن چاهين عطا ڪن. انهيءَ ڪري ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت ربيعه رَضِيَ اللّٰه عَنۡهُ کي مطلقاً (يعني بغير ڪنهن قيد جي) فرمايو: سَلۡ يعني گُهر جيڪو گهرڻو اٿئي؟ (يعني اي ربيعه! ڪابه پابندي ناهي ❁اسان ڪان دنيا گهرو، ❁ آخرت گهرو، ❁ مال و دولت گهرو، ❁ ڏکهي زندگي گهرو، ❁ خوشيون گهرو، ❁ عزت ۽ مرتبو گهرو، ❁ جنت گهرو، ❁ الله پاڪ جو قرب گهرو، جيڪو به گهرندؤ ملندو). يقيناً اهڙي کُلي پيشڪش اُهوئي ڪري سگهي ٿو، جنهن وٽ واضح اختيار هجن جڏهن ته اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ربيعه رَضِيَ اللّٰه عَنۡهُ کي اها پيشڪش فرمائي ته اهو هن ڳالهه جو دليل آهي ته الله پاڪ کين اختيار عطا فرمايا آهن جو جنهن کي جيڪو چاهين، جڏهن چاهين، جيئن چاهين عطا فرمائي سگهن ٿا.

ان کے ہاتھ میں ہر کنجی ہے | مالک کل کہلاتے یہ ہیں
اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَر | ساری کثرت پاتے یہ ہیں
رَبّ ہے مُعۡطِی، یہ ہیں قاسم | رِزق اس کا ہے کھلاتے یہ ہیں

## بارگاهِ رسالت مان ڇا گهري سگهون ٿا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ربيعه رَضِيَ اللّٰه عَنۡه جي واقعي مان بي ڳالهه اها سکڻ جي لاءِ ملي ته بارگاهِ رسالت ۾ گهرڻ سان شرم، عار نه ٿيڻ گهرجي، اهي دنيا جا

بادشاھ ۽ اَمير ھوندا آھن جو جتي سواليءَ کي گھرندي ۾ سوچڻو پوندو آھي، گھرندي ۾ ڊپ ٿيندو آھي تہ ھيءُ گھرون تہ اھو ڏئي سگھندو يا نہ، فلاڻي شيءِ گھران تہ ڪٿي ناراض ئي نہ ٿي وڃي. مصطفي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو در سيني ڪان وڏي سخي جي دربار آھي. ھتي سوالي کي ھبڪاٽڻو ناھي پوندو، شرمسار ناھي ٿيڻو پوندو، اھو ڊپ ناھي ھوندو تہ ھي شيءِ گھُران تہ ملندي ۾ اَلائي نہ بلڪ

مانگ مَن مانتی، مُنہ مانگی مرادیں لے گا

نہ یہاں نا ہے، نہ منگتا سے یہ کہنا کیا ہے؟ (1)

ڏسو! حضرت ربيعہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ بنا جھجڪ گھُريو ۽ ڇا گھريو؟ ❁ ايمان تي خاتمو گھريو (ڇوتہ جنھن جو ايمان تي خاتمو نہ ٿي، اھو جنت ۾ نٿو وڃي سگھي) | ❁ نيڪين جي توفيق گھري(ڇوتہ جنت ۾ داخلہ اللّٰہ پاڪ جي رحمت سان ملندي آھي پر اُتي بلند درجا نيڪ اعمال جي مطابق ملندا آھن)، قيامت جي ڏينھن اَعمال جي قبوليت گھُري (جو جنھن جا اعمال قبول ئي نہ ٿين، ردّ ڪيا وڃن. اھو جنت ۾ بُلند مقام ڪيئن حاصل ڪري سگھندو) ❁ پوءِ جنت ۾ نھايت اوچو رتبو بہ گھريو ۽ اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسول ھاشميصَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اھو سڀ ڪجھ پنھنجي صحابي کي عطا فرمايو، ھن مان معلوم ٿيو تہ اسان بہ حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سان ايمان، مال، اولاد، عزّت، جنت سڀ ڪجھ گھُري سگھون ٿا، ھي گھرڻ سُنّت صحابہ آھي.[2]

جو چاہے ان سے مانگ کہ دونوں جہاں کی خیر

زَرِ ناخریدہ ایک کنیز ان کے گھر کی ہے (3)

وضاحت: ٻنھي جھانن جون سيئي پلايون پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي اختيار ۾ ھن طرح ڏنيون ويون آھن جو ڄڻ ھي سيئي نعمتون پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي گھر جون خادمائون آھن. تنھنڪري جيڪو چاھيو ٿا،

1 ...حدائقِ بخشش،صفحہ:171۔
2 مرآۃ المناجیح،جلد:2،صفحہ:84 بتغير قليل۔
3 ...حدائقِ بخشش،صفحہ:224۔

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان گهري ونو(هتي دنيا گهرو! اها نه ملندي، آخرت گهرو! اها نه ملندي).

## گهرڻ جو شعور به هُنَرُ گهرجي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان بارگاهِ رسالت مان جيڪو چاهيون گُهري سگهون ٿا ۽ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عطا به فرمائن ٿا پر ڳالهه هي آهي ته گهرڻ جو به هڪ طريقو آهي، انسان کي گُهرڻ به ته اچڻ گهرجي. يقيناً پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان دين ۽ دنيا جي هر ڀلائي گهري سگهون ٿا پر اوهان پاڻ غور فرمايو، مديني شريف حاضري ٿئي، ٻانهو سُنهري جارين جي سامهون بيٺل هجي ۽ ننڍي ڪا شيءِ گُهري، ڇا اهو سنو لڳندو؟ در وڏو آهي ته شيءِ به ته وڏي گهري؟ ڏسو! حضرت ربيعه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪهڙي عظيم نعمت گُهري، عرض ڪيو: **يارسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **جنت ۾ اوهان جو پاڙو گهران ٿو.**

**ڪجهه روايتن ۾ آهي:** حضرت ربيعه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سوچڻ جي مُهلت گهري(يعني سندن چاهيو ته ايڏي وڏي پيشڪش ٿئي آهي، ڪٿي مان ننڍي شيءِ نه گهري ويهان. تنهنڪري سوچڻ جو وقت گهريائون)، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي مُهلت ڏني، پوءِ پاڻ سوچي سمجهي ڪري واپس موٽيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پنهنجي طلب پيش ڪيائين. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: اي ربيعه! اهو گهرڻ جي لاءِ توکي ڪنهن چيو؟ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪنهن به نه چيو، مون غور فڪر ڪيو ته دُنيا فاني آهي، جلد ختم ٿي ويندي، پوءِ مون پسند ڪيو ته محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان آخرت گُهري ونان ٿو.[1]

سُبْحٰنَ الله! صحابي رسول رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي تمنا ۽ خواهش ڏسو! ڪهڙي عظيم آهي. شيخ عبدالحق مُحدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (حضرت ربيعه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي عمل

1 مسند امام احمد، مسند المدنيين، حديث ربيعة بن كعب رَضِيَ اللهُ عنه ، جلد:6، صفحه:697 خلاصةً۔

مُبَارڪ مان اهو به معلوم ٿيو ته) سچي طالب کي گهرجي ته آخرت جون هميشه رهڻ واريون نعمتون گهري، خاص ڪري ڪامل ترين نعمت، افضل ترين ڪمال يعني جنت ۾ صاحبِ ڪمال، محبوب ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو گهري، انهيءَ جي لاءِ ڪوشش ڪري، ان کان علاوه ڪنهن جي به طرف نگاهه ڪڻي نه ڏسي.[1]

سرکار کا در ہے، درِ شاہاں تو نہیں ہے | جو مانگ لیا، مانگ لیا، اور بھی کچھ مانگ
سلطانِ مدینہ کی زیارت کی دُعا کر | جنّت کی طلب چیز ہے کیا اور بھی کچھ مانگ

## آقا جو پاڙوني گهرو!

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً دين ۽ دُنيا جون سڀئي ڀلايون اسان کي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ئي ۾ مليون آهن، آئنده به جيڪو ڪجهه ملندو، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ئي ملندو، البت اسان کي گهرجي ته دل ۾ صرف هڪ ئي خواهش رکون: مون کي جنت ۾ آقا جو پاڙو گهرجي. هن کان گهٽ شيءِ تي اسان کي راضي نه ٿيڻ گهرجي. اسان کي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان اهو ئي سبق سکڻ جي لاءِ ملي ٿو. هڪ ڀيرو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پٽ کي مخاطب ٿي فرمائي رهيا هئا: الله پاڪ توهان سڀني گهر وارن تي برڪتون نازل فرمائي! تنهنجي ماءُ جو مقام فلاڻي کان بهتر آهي، تنهنجو مقام فلاڻي جي مقام کان بهتر آهي. حضرت اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا اها ڳالهه ٻڌي ته عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان جي لاءِ دعا فرمايو ته جنت ۾ اوهان جو پاڙو نصيب ٿي وڃي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا فرمائي: اَللّٰهُمّ اجْعَلْهُمْ رُفَقَائِىْ فِى الْجَنَّةِ اي الله پاڪ! انهن کي جنت ۾ منهنجو ساٿي بڻاءِ. هي دعاءِ مصطفيٰ ٻُڌي ته حضرت اُمِّ عماره

1 لَمْعَاتُ التَّنْقِيحِ، كتاب الصلاة، باب السجود و فضله، جلد:3، صفحه:31، تحت الحديث:896۔

رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جوش مان چيو: مَا اُبَالِیْ مَا اَصَابَنِیْ مِنَ الدُّنْیَا هاڻي مون کي دنيا ۾ ڇا پهچي ٿو، مون کي ان جي ڪا پرواهہ ناهي.[1]

## حضور گھرڻ جو شعور بہ ڏين ٿا

هڪ ڀيري هڪ اعرابي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، ڪرم جي درياءَ جو وهڪرو جيڪو هر وقت ئي جوش ۾ رهندو هو، ان وقت بہ جوش ۾ هو، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: سَلْ مَا شِئْتَ یَا اَعْرَابِیُّ! اي اعرابي! جيڪو چاهين تو گهري وٺ.

صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان فرمائن ٿا: اسان کي هن جي قسمت تي رشڪ اچي رهيو هو(تہ ڪيتري وڏي پيشڪش ڪئي وئي آهي)، اسان سوچي رهيا هئاسين تہ هاڻي هُو جنت جي طلب ڪندو. پر ان اعرابيءَ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي سُواري (مثلاً اُٺ، گهوڙو وغيره) ڏيو! فرمايائون: توکي سواري ڏني، ٻيو ڪجھ گهرو...!! عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! سواري جو سامان(مثال طور ڪجاوو وغيره) بہ عطا فرمايو!

صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان فرمائن ٿا: اسان کي ان اعرابي جي گهرڻ تي حيرت ٿي رهي هئي (تہ هي ڇا گهري رهيو آهي، بهرحال!) اعرابي جيڪو ڪجھ گهريو اهو کيس ڏنو ويو. هاڻي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اعرابي جي مطالبي ۽ بني اسرائيل جي پوڙهيءَ جي مطالبي ۾ ڪيترو فرق آهي....!! پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بني اسرائيل جي پوڙهيءَ جو واقعو بيان ڪيو: (جنهن جو خُلاصو هي آهي تہ) جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل کي وٺي مصر جي طرف وڃڻ لڳو تہ الله پاڪ جي طرفان حڪم ٿيو تہ: حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو جسم مبارڪ بہ پاڻ سان گڏ کڻي وڃو!

(حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي دنيا مان رخصت ٿيندي صديون گذري ويون هيون ۽ کيس درياء

[1] ڪتاب المغازي، غزوة احد، جلد:1، صفحه:238 خلاصةً۔

جي وچ ۾ دفنايو ويو هو، لهٰذا ايترين صديون گذرڻ کان پوءِ ڪنهن کي به خبر نه هئي ته حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڪهڙي هنڌ دفنايو ويو آهي، صرف هڪ پوڙهي کي ان جاءِ جي خبر هئي) حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان پوڙهي کان پڇيو: ڇا توکي خبر آهي ته حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي قبر ڪاٿي آهي؟ چيائين: جي ها! فرمايائون: اسان کي ٻڌايو! چوڻ لڳي: خدا جو قسم! جيسيتائين اوهان منهنجو مطالبو پورو نه ڪندؤ، مان هرگز نه ٻڌائينديس. فرمايائون: گهرو جيڪو گهرڻ چاهيو ٿيون. توهان کي ڏنو ويندو. پوڙهي سمجهدار هئي، چيائين: **مان توکان جنت ۾ تنهنجي پاڙي جو** سوال ڪيان ٿي. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: صرف جنت جو سوال ڪر!! چيائين: نه...!! خدا جو قسم! مان ان کان گهٽ تي بلڪل راضي نه ٿيندس، مون کي صرف جنت نه بلڪ جنت ۾ اوهان جو پاڙو ئي گهرجي. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي وڏيڪ سمجهايو پر اها پنهنجي ڳالهه تي پڪي هئي، ان تي الله پاڪ وحي فرمائي: اي موسيٰ! اوهان جو ڪهڙو نقصان آهي...!! جيڪو گهري ٿي ڏئي ڇڏيو! جيئن ته حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان جو مطالبو پورو ڪيو ۽ حضرت يوسفعَلَيۡهِالسَّلَام جو جسم مبارڪ ڪڍي روانا ٿي ويا.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هي آهي گهرڻ جو طريقو...!! پوڙهي جي سوچ ڏسو! خدمت ڪيتري آهي ۽ سوال ڪيترو وڏو ڪري رهي آهي...!! هن روايت مان اسان کي 2 ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون: **(1)** هڪ ڳالهه ته اُن اعرابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي عمل مان سکڻ جي لاءِ هي ملي، اهي صحابي هئا، ان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان دنياوي شيون گهريون ۽ پاڻ سڳورن ان کي منع ڪانه ڪئي، هن مان معلوم ٿيو، دنيا جون ننڍيون ننڍيون خواهشون، ضرورتون هجن ته اسان اهي به بارگاهِ رسالت مان گهري سگهون ٿا، ان ۾ ڪو حرج ناهي **(2)** ٻي ڳالهه اها خبر پئي ته اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به اهو چاهن ٿا ته اسان جنت ۾ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي جا طلبگار بڻجون. ڏسو! اُن اعرابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جيڪو ڪجهه گهريو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو به

---

1 مكارم الاخلاق، جماع ابواب الرفق...الخ،باب ما جاء فى السخاء...الخ، جلد:3، صفحه:264، حديث:731 خلاصةً

انهن کي عطا فرمائي ڇڏيو پر گڏوگڏ بني اسرائيل جي پوڙهي جو واقعو بيان ڪري اها ترغيب بہ ڏياري تہ جڏهن گهرڻو هجي تہ اهو گهرندا ڪيو جيڪو بني اسرائيل جي پوڙهيءَ گهريو هيو بلڪ هڪ روايت ۾ آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو:اَعَجَزْتُمْ اَنْ تَكُوْنُوْا مِثْلَ عَجُوْزِ بَنِیْ اِسْرَائِيْل يعني ڇا توهان اهو نٿا ڪري سگهو تہ بني اسرائيل جي پوڙهيءَ وانگر ٿي وڃو![1]

يعني جيئن بني اسرائيل جي پوڙهي جنّت ۾ پنهنجي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو پاڙو گهريو هو، ايئن ئي جڏهن گهرڻ جو موقعو هجي تہ توهان بہ **جنت ۾ پنهنجي آقا جو پاڙو** گهرو!

| ايمان پہ دے موت مدينے کی گلی ميں | مدفن مرا محبوب کے قدموں ميں بنادے |
| --- | --- |
| اللہ کرم اتنا گنہگار پہ فرما | جنّت ميں پڑوسی مرے آقا کا بنادے[2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا جو پاڙيسري بڻائڻ وارا عمل

**پيارا اسلامي ڀائرو!** شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنت ۾ آقا جو پاڙيسري بڻجڻ جي صرف خواهش ڪافي ناهي، ٻانهي کي گهرجي تہ ان جي لاءِ وسيلو بہ اپنائي يعني افضل نيڪيون ۽ عبادتون ڪري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب بہ حاصل ڪري.[3] حضرت ربيعہ اسلمي رَضِیَ اللهُ عَنْه واري روايت تي غور ڪيو! پاڻ جنت ۾ آقا جو پاڙو گهريو تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي ڪثرت سان سجدا ڪرڻ جي تلقين فرمائي.

---

1 صحيح ابن حبان، كتاب الرقائق، باب الورع والتوكل، ذكر الخبر الدال...الخ، صفحہ:303، حديث:723
2 ...وسائلِ بخشش،صفحہ:112۔
3 . لَمْعَاتُ التَّنْقِيْح، كتاب الصلاة، باب السجود و فضلہ، جلد:3، صفحہ:31، تحت الحديث:896۔

## (١) سجدن جي ڪثرت

هن مان معلوم ٿيو: ڪثرت سان سجدا ڪرڻ جنت ۾ آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ڏيارڻ وارو عمل آهي.

سُبْحٰنَ الله! ڪيترو آسان عمل آهي....!! ڪثرت سان سجدا ڪرڻا آهن، اسان روزانو پنج ئي نمازون (فرض، سنتون ۽ نفل وغيره ملائي ڪري مڪمل) ادا ڪيون ته 48 رڪعتون ٿين ٿيون، هر رڪعت ۾ 2 سجدا، هي مڪمل 96 سجدا ٿي ويا، تهجد جي گهٽي تعداد نہ سهي تہ 2 نفل ادا ڪري وٺو، 100 سجدا ٿي ويا، اشراق چاشت جون گهٽ مان گهٽ 4 رڪعتون وڌيڪ شامل ڪيو! 108 سجدا ٿي ويا، 6 رڪعتون اَوّابين جا نفل شامل ڪيو! 120 سجدا ٿي پيا، 2 رڪعتون صلاةُ التُّوبہ پڙهو! ڏينهن ۾ ڪنهن هڪ نماز سان نماز تَحيَّةُ الْوُضُو پڙهي وٺو! تحية المسجد جا بہ 2 نفل پڙهي وٺو! هي ڪل 132 سجدا ٿي ويا، قرآن ڪريم ۾ سجدي جون 14 آيتون آهن، هي 14 جون 14 آيتون پڙهي ڪري، 14 سجدا ڪيو تہ حاجتون پوريون ٿينديون، دين و دنيا جي هر حاجت پوري ٿيڻ جو بهترين وظيفو آهي ڪم و بيش 10 کان 12 منٽ لڳندا آهن، سجدي جون آيتون پڙهي ڪري 14 سجدا ڪيو! هي ٽوٽل 146 سجدا ٿي ويا، جيڪو اسان نهايت آساني سان هڪ ڏينهن ۾ ڪري سگهون ٿا.

ڪم ڪيترو آسان آهي، جيڪڏهن اسان ڪثرت سان سجدا ڪرڻ جي عادت بڻايون تہ هن مان ڇا ملندو؟ الله پاڪ جو قرب ۽ جنت ۾ آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو...!!

سُبْحٰنَ الله!

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مفلس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے (1)

---

1...حدائق بخشش، صفحہ:186۔

## سجدن جي ڪثرت درجات جي بلندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي حضور سجدو ڪرڻ نهايت ئي فضيلت وارو ڪم آهي. تابعي بُزرگ حضرت مَعدان بن ابو طلحہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ مان صحابي رسول حضرت ثوبان رَضِیَ اللهُ عَنۡه سان مليس، مون عرض ڪيو: مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جنهن کي مان ڪيان تہ اُن جي برڪت سان الله پاڪ مون کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي، يا (مون هي چيو تہ) مون کي الله پاڪ جو سڀني کان پسنديده عمل ٻڌايو. حضرت ثوبان رَضِیَ اللهُ عَنۡه خاموش رهيا. مون وري پڇيو، پاڻ خاموش رهيا. مون جڏهن ٽيون ڀيرو پڇيو، تہ فرمايائون: مون رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هن باري ۾ سوال ڪيو هيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هيو: ڪثرت سان سجدا ڪندا ڪيو ڇوتہ توهان جڏهن بہ الله پاڪ جي لاءِ سجدا ڪندؤ، الله پاڪ توهان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو ۽ ان جي بدلي توهان جي هڪ خطا معاف فرمائي ڇڏيندو.[1]

## سجدو ڪندڙ عضوا دوزخ جي باھ کان محفوظ رهندا

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي، تاجدار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سجدي جي نشان کان سواءِ انسان جي سڄي جسم کي باھ ساڙيندي. الله پاڪ جهنم تي حرام ڪري ڇڏيو آهي تہ هُو سجدي جي نشان کي ساڙي.[2]

## نوراني پيشاني

حضرت ابو اسماعيل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو جڏهن انتقال ٿيو تہ گهر وارن مان ڪنهن

---

1 مسلم، كتاب الصلاة، باب فضل السجود والحث عليہ، صفحہ:184، حديث:488۔
2 مسلم، كتاب الايمان، باب معرفۃطريق الرؤية، صفحہ:87-88، حديث:182۔

ڪيس خواب ۾ هن حالت ۾ ڏٺو جو سندن سجدي واري جاءِ چمڪدار تاري جيان روشن آهي، تہ عرض ڪيائين: هي اوهان جي چهري تي ڇا آهي؟ انهن عرض ڪيو: منهنجي پيشاني کي مٽي جي نقصان رسائڻ جي ڪري نوراني ڪيو ويو آهي. عرض ڪيائون: آخرت ۾ اوهان کي ڪهڙو مقام حاصل ٿيو؟ فرمايائون: بهترين گهر آهي، جنهن جا رهڻ وارا نہ هتان کان منتقل ٿيندا آهن نہ ئي انهن کي موت ايندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سجدو ڪرڻ جا ٻيا بہ ڪوڙ سارا فضائل ۽ فائدا آهن. شيخ طريقت، امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو نهايت ئي پيارو ڪتاب آهي: فيضانِ نماز. هن ۾ نماز جا اهڙا اهڙا فضائل بيان ڪيا ويا آهن جو پڙهي ڪري دل خوشي مان جهومي پئي ٿي، هن ۾ هڪ باب آهي: سجدي جا فضائل. ان کي پڙهو! سجدي جي متعلق تمام گهڻي معلومات حاصل ٿيندي ۽ ڪثرت سان سجدو ڪرڻ جو ذهن بہ ٺهجي ويندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) ڌيئرن جي پرورش

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ۾ آقا جو پاڙو ڏيارڻ وارو ٻيو نيڪ عمل آهي: **ڌيئرن جي سٺي پرورش ڪرڻ.**

حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان راويت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن جون ٻي ڌيئرون هجن ۽ هُو ان جي معاملي ۾ الله پاڪ کان ڊڄي ۽ انهن جي پرورش ڪري تہ اهو

1 موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب المنامات، جلد:3، صفحہ:59، حدیث:65۔

شخص جنت ۾ مون سان گڏ هيئن هوندو. هي ارشاد فرمائيندي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چئن ئي آڱرن جي طرف اشارو فرمايو.[1] هڪ روايت ۾ 2 ڌيئرن جو ذڪر آهي ته جنهن 2 ڌيئرن جي پرورش ڪئي، مان ۽ اهو جنت ۾ هيئن هونداسين. پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن ٻنهي مبارڪ آڱرين کي ملائي ڪري اشارو فرمايو.[2]

ہر وقت جہاں سے کہ انہیں دیکھ سکوں میں
جنت میں مجھے ایسی جگہ پیارے خدا دے[3]

حڪيم الأمت مفتي احمديارخان رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه مراٰة المناجيح ۾ فرمائن ٿا: عام طور پٽن مان دنياوي اميدون وابسته هونديون آهن ته هي جوان ٿي ڪري اسان جي خدمت ڪندا، اسان کي ڪمائي ڪارائيندا، نياڻين مان اها اميد ناهي هوندي انهي ڪري ڇوڪرين کي نپائڻ، ان تي صبر ڪرڻ ثواب آهي. ڇوڪريون چاهي ڌيئرون هجن يا ڀينرون.[4] وڌيڪ هڪ هنڌ فرمائن ٿا: خوش دلي سان 2 ڇوڪرين کي پالڻ چاهي پنهنجون نياڻيون هجن يا ڀينرون يا يتيم ٻارڙيون، قيامت جي ڏينهن قربِ مصطفيٰ جو ذريعو آهي ۽ جنهن کي ان ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب نصيب ٿي وڃي ان کي سڀ ڪجهه ملي ويندو.

گر مُحَمَّد کا ساتھ ہو جائے
پھر تو سمجھو نجات ہو جائے[5]

---

1 مسند امام احمد،مسند انس بن مالک، جلد:5، صفحہ:439، حدیث:12929۔
2 موسوعۃ ابن ابی الدنیا، کتاب العیال، باب فی احسان الی البنات، جلد:8، صفحہ:38، حدیث:115۔
3...وسائل بخشش، صفحہ:120۔
4 مرآۃ المناجیح،جلد:6، صفحہ:564۔
5...مرآۃ المناجیح،جلد: 6، صفحہ: 546 بتغیر قلیل۔

## ڌيءَ جڻ جنت جي ٽڪيٽ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اولاد عظيم نعمت آهي، الله پاڪ ڌيئرون عطا فرمائي، اها به ان جي عطا آهي، پٽ عطا فرمائي ته اها به انهيءَ جي عطا آهي. انهي ڪري اولاد جي چڱي پرورش جو ذهن ٺاهيو خاص ڪري ڌيءَ هجي ته ان جي پرورش خوب شوق ۽ ذوق سان ڪيو! عام طور ماڻهو پٽن کي پوڙهائپ جو سهارو سمجهندا آهن، هي هڪ چڱي اميد آهي نه ته پٽ وڏو ٿي ڪري پيءُ جو سهارو ٿيندو يا نه...!! هي نصيب جي ڳالهه آهي جڏهن ته **ڌيءَ ته ايئن سمجهو جڻ ته جنت جي ٽڪيٽ آهي**. اسان الله پاڪ جي رضا جا طلبگار ٿي ڪري، نيڪ نيت سان، خوش دلي سان ڌيءَ جي چڱي سارسنڀال ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ آقا جو پاڙو ماڻڻ جا حقدار بڻجي وينداسين.

## افسوس....!! ويچاريون ڌيئرون!

اي عاشقانِ رسول! ڌيءَ رحمت آهي پر افسوس! جهالت جي زماني جي جهلڪ ڪيهر معاشري ۾ نظر اچي رهي آهي، ڪجھ ماڻهو اسلامي تعليم کي وساري ڌيءَ جي ڄمڻ کي برو سمجهڻ ۽ بي رحمي جو مظاهرو ڪرڻ لڳا آهن. ڏينهون ڏينهن ڌيئرن تي ٿيندڙ ظلم جون خبرون ڇپجنديون رهنديون آهن. ڌيءَ جي ڄمڻ تي غمگين ٿيڻ، ڪو مبارڪباد ڏئي ته ان کان ناراض ٿيڻ وغيره ته مَعَاذَالله! عام ٿيندو پيو وڃي. تعجب جهڙي ڳالهه آهي! ڪجھ عورتون به نهايت سنگدل ٿي ويون آهن. ڌيءَ جي ڄمڻ کي بارُ سمجهڻ، ان کي منحوس خيال ڪرڻ، جنهن عورت کي رڳو ڌيئرون ئي هجن، ان کي طعنا ڏيڻ ۽ ننولون ڪرڻ وغيره عورتن ۾ به ڏٺو وڃي ٿو حالانڪ هي پاڻ ڪنهن جون ڌيئرون آهن. افسوس! ويچاريون ڌيئرون! وڃن ته ڪيڏانهن وڃن...!!

اے بے کسوں کے آقا! اب تیری دُہائی ہے

## ڌيءَ جي فضيلت تي 4 حديثون

**(1):** الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڌيئرن کي برو نہ سمجهو، بيشڪ اهي محبت ڪرڻ واريون آهن.[1] **(2)** هڪ حديث پاڪ ۾ آهي جنهن جي گهر ۾ ڌيءَ پيدا ٿي ۽ اهو ان کي ايذاء نہ ڏي ۽ نہ ئي خراب سمجهي ۽ نہ ئي پٽ کي ڌيءَ تي فضيلت ڏي تہ الله پاڪ ان شخص کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو.[2] **(3)** **مسلم شريف** جي روايت آهي: جنهن شخص تي ڌيئرن جي پرورش جو بارُ اچي وڃي ۽ اهو انهن سان حُسنِ سلوڪ (يعني سُٺو ورتاءُ) ڪري تہ اهي ڌيئرون ان جي لاءِ جهنّم کان آڙ بڻجي وينديون.[3] **(4)** هڪ ٻي روايت ۾ ڌيئرن جي متعلق وڏي پياري تعليم ڏني وئي آهي: فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو بازار مان پنهنجي ٻارن جي لاءِ ڪا شيءِ آڻي تہ اها انهن تي صدقو ڪرڻ وانگر آهي ۽ ان کي گهرجي تہ ڌيئرن کان شروعات ڪري ڇوتہ جيڪو ڌيئرن کي خوش ڪري اهو خوفِ خدا ۾ روئڻ جي مثل آهي ۽ جيڪو خوفِ خدا ۾ روئي الله پاڪ ان تي جهنّم حرام فرمائي ڇڏيندو آهي.[4]

## ڌيئرن تي ايثار ڪرڻ واري نيڪ خاتون

مومنن جي ماءُ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہا فرمائن ٿيون: مون وٽ هڪ مسڪين عورت آئي جنهن سان گڏ ان جون ٻہ ڌيئرون بہ هيون مون ان کي ٽي کجوررون ڏنيون ان ٻنهي ڌيئرن کي هڪ هڪ کجور ڏني پوءِ جنهن کجور کي ان پاڻ کائڻ چاهيو ٿي ان جا بہ ٽڪرا ڪري اها کجور بہ انهن يعني ٻنهي ڌيئرن کي کارائي ڇڏي. مون کي ان واقعي مان تمام گهڻو تعجب ٿيو مون نبيءِ

1 مسند امام احمد، مسند الشاميين،حديث عقبة بن عامر...الخ، جلد:7، صفحہ:200، حديث:17837۔
2 مستدرك، كتاب البر والصلة، باب من كن لہ ثلاث بنات...الخ، جلد:5، صفحہ:248، حديث:7428۔
3 مسلم، كتاب البر والصلة والآداب، باب فضل الاحسان الی البنات، صفحہ:1014، حديث:2629۔
4 .مكارم الاخلاق، باب العطف على البنات...الخ، جلد:3، صفحہ:303، حديث:759۔

ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي بارگاهه ۾ ان خاتون جي ايثار جو ذڪر ڪيو ته سرڪار صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: الله پاڪ انهيءَ ايثار جي سبب ان عورت جي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي آهي. (صحيح مسلم ص 1415 حديث 2630)

## (3) يتيم جي پرورش

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ۾ آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو ڏيارڻ وارو ٽيون عمل آهي: **يتيم جي پرورش ڪرڻ**. جنت ورهائڻ واري آقا، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عالي شان آهي: جنهن 3 يتيم ٻارن جي ڪفالت ڪئي اهو رات جو عبادت ڪرڻ، ڏينهن جو روزو رکڻ ۽ صبح ۽ شام الله پاڪ جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ واري جيان آهي، مان ۽ اهو جنت ۾ ايئن گڏ هونداسين جيئن هي 2 آڱريون، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شهادت ۽ وچ واري آڱر ملائي ڇڏي.[1]

بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾ صرف هڪ يتيم جي ڪفالت تي به اها ئي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. البت! هن روايت ۾ ٿورو فرق بيان ٿيو آهي ته جڏهن حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي شهادت واري ۽ وچين آڱر سان اشارو ڪيو ته ٻنهي آڱرين جي وچ ۾ ڪجهه فاصلو رکيو.[2]

الله کرم اتنا گنہ گار پہ فرما
جنّت میں پڑوسی مرے آقا کا بنا دے[3]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! يتيم ٻارن جي پرورش ڪيو، انهن جي سارسنڀال لهو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! جنت ۾ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب ٿيندو. جيڪڏهن اسان ٿوري توجهه ڪيون ته اسان جي خاندان ۾، پري ۽ ويجهن مائٽن ۾، گهٽي محلي ۾ يتيم ٻار عام طور تي موجود هوندا آهن، هنن مان ڪنهن

---

1 ابن ماجہ، کتاب الادب، باب حق الیتیم، صفحہ:593،حدیث: 3680۔
2 بخاری، کتاب الطلاق، باب اللعان،صفحہ:1361، حدیث:5304۔
3...وسائل بخشش، صفحہ:112۔

هڪ يا الله پاڪ همت ڏني آهي تہ 2،4،10 ٻارن جو خرچ پنهنجي ذمي تي کڻو! ماهوار خرچ، جوتا ڪپڙا، عيد ۽ خوشين جي موقعن تي ڪجھ شاپنگ وغيره ڪرائيندا رهو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! روزي رزق ۾ برڪت بہ ٿيندي، ثواب بہ ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ جنت ۾ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري ٻڻجڻ جا حقدار بہ ٻڻجي ويندا.

اَلحَمْدُلله! شيخ طريقت، امير اهل سنت اُمَّت جا خيرخواهہ آهن، پاڻ يتيمن، مسڪينن سان تمام گهڻي محبت ڪندا، انهن سان خيرخواهي ڪندا رهندا آهن. الله پاڪ جي فضل سان دعوت اسلامي جي نالي سان يتيم خانا بہ ٺهرائي رهي آهي. ان مدني هومز ۾ يتيمن جي پرورش ڪئي ويندي، ان جي بهتر تعليم و تربيت جو اهتمام ٿيندو ۽ انهن جي لاءِ چڱي روزگار جو بہ اهتمام ڪيو ويندو. اوهان بہ ان نيڪ ڪم ۾ دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! الله پاڪ جيتري همت ۽ توفيق عطا فرمائي آهي، ان جي مطابق 2، 4، 10، 100، 200 يتيم ٻارن جا ماهوار اخراجات پنهنجي ذمي تي کڻو! اوهان جي ڏنل رقم مان يتيمن جي ڪفالت ٿيندي رهندي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اوهان کي ثواب ملندو رهندو.

## يتيمن سان چڱي سلوڪ جي برڪت

هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مان ابتدائي زندگي ۾ شراب جو عادي ۽ بري ڪردار جو مالڪ هيس، مون هڪ ڏينهن ڪنهن يتيم کي ڏٺو تہ ان سان نهايت چڱو ورتاءُ ڪيو جيئن پيءُ پنهنجي پٽ سان ڪندو آهي بلڪ ان کان بہ سٺو سلوڪ ڪيو. جڏهن مان سُتس تہ خواب ۾ ڏٺو تہ جهنم جا ملائڪ انتهائي بي دردي سان مون کي گِهلي جهنم جي طرف ڪٺي وڃي رهيا آهن، انهيءَ دوران اوچتو اهو يتيم ٻار وچ ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو: هن کي ڇڏي ڏيو تہ جيئن مان ربّ ڪريم سان هن جي باري ۾ گفتگو ڪيان پر انهن

انڪار ڪيو، پوءِ آواز آيو: اُن کي ڇڏي ڏيو! اسان هن يتيم تي رحم ڪرڻ جي ڪري ان کي بخشي ڇڏيو آهي، پوءِ جاڳي پيس ۽ انهيءَ ڏينهن کان مان يتيمن سان تمام گهڻو سٺو سلوڪ ڪندو آهيان.[1]

الله پاڪ اسان کي رحمدلي نصيب ڪري ۽ اسان يتيمن، مسڪينن، بيڪسن جي سارسنڀال لهڻ وارا، انهن سان خيرخواهي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4) وڏن جو ادب، ننڍن تي شفقت

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ڏيارڻ وارو هڪ نيڪ **عمل وڏن جو اَدب ڪرڻ ۽ ننڍن تي شفقت ڪرڻ بہ آهي**. جيئن سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت انس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کي نصيحت ڪندي فرمايو: اي انس! وڏن جو اَدب و احترام ڪندا ڪيو ۽ ننڍن تي شفقت ڪيو، **هن طرح توهان جنت ۾ منهنجو پاڙو ماڻي وٺندا**.[2]

محفُوظ سَدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے

اور مُجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے ادبی ہو (3)

1 مكاشفة القلوب ، باب فى الاحسان الى اليتيم واجتناب الظلم، صفحہ:343۔

2 شُعْبُ الايمان،باب فى رحم الصغير و توقير الكبير، جلد:7، صفحہ:458، حديث:10981۔

3...وسائل بخشش، صفحہ:315۔

## ڪنھن جو اَدب ڪرڻ ضروري آھي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! وڏن جو اَدب ۽ احترام نجات جو سبب ۽ جنت ۾ آخري نبي، مُحَمَّد عربي جو قرب ماڻڻ جو ذريعو آھي. لهٰذا اسان کي گھرجي تہ جيڪي علم، عمر، عهدي ۽ منصب ۾ اسان کان وڏا آھن، انھن جو اَدب ۽ احترام بجا آڻيو ۽ اسان جي وڏن ۾ ماءُ پيءُ، چاچو، ماسڙ، مامو، وڏي ڀيڻ ڀاءُ ۽ ڀيا مائٽ، استاد، پير ۽ مرشد، عالم ۽ مشائخ وغيره سڀئي شامل آھن ۽ جيڪو عمر ۽ مقام ۽ مرتبي ۾ ننڍو ھجي، ان سان شفقت ۽ محبت جو ورتاءُ ڪيو.

## اَدب ڪيئن ڪيون؟

پيارا اسلامي ڀائرو! معاشرتي زندگي ۾ اسان جو پنھنجي وڏن سان واسطو پوندو رھي ٿو، انھي ڪري ضروري آھي تہ اسان ھر لحاظ سان انھن جي اَدب ۽ احترام جو خيال رکون، حضرت محَيّصَه رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جي موجودگي ۾ حضرت عبدالرحمٰن بن سهل رَضِیَ اللہُ عَنْهُ عمر ۾ ننڍا ھجڻ جي باوجود ڳالھ جي ڪوشش ڪئي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انھن کي وڏن جو اَدب سيکاريندي فرمايو: وڏن کي ڳالھائڻ ڏيو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ھي اَدَب جي تعليم آھي تہ جڏھن وڏا ڳالھائي رھيا ھجن تہ ننڍن کي خاموش رھڻ گھرجي. انھيءَ ڪري اسان کي گھرجي تہ ھر لحاظ کان وڏن جو اَدب ڪيون. مثلاً ❁ ڪاڏو ڪائيندي وقت انھن کان پھريان کاڌو شروع نہ ڪيو وڃي ❁ مجلس ۾ ان کان پھريان گفتگو نہ ڪئي وڃي، ❁ انھن جي سامھون آواز اوچو نہ ڪيو، ❁ انھن کي تڪليف پھچائڻ کان بچو، ❁ انھن کي نالو وٺي نہ

---

[1] بخاری،کتاب الجزیۃ والموادعۃ، باب الموادعۃ المصالحۃ...الخ، صفحہ:814، حدیث:3173 خلاصۃً۔

پڪاريو، ✿ انهن سان جيءُ، جناب، لَبَّيْڪ وغيره اَدب وارن لفظن ۽ انداز سان ڳالهه ڪيو، وغيره وغيره. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محفوظ سَدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے | اور مُجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے ادبی ہو(1)

## (5) سُنت تي عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو ڏيارڻ وارو هڪ نيڪ عمل **پياري آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي سنت تي عمل ڪرڻ به آهي**. حديث پاڪ ۾ آهي: رسول اڪرم شاهه بني آدم حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايو: پٽ تي سگهي ته پنهنجي صبح ۽ شام هن حالت ۾ ڪر جو تنهنجي دل ۾ ڪنهن جو ڪينو نه هجي. پوءِ فرمايائون: پٽ! ذٰلِكَ مِنْ سُنَّتِىْ يعني هي منهنجي سُنت آهي، وَمَنْ اَحْيَا سُنَّتِىْ فَقَدْ اَحَبَّنِىْ، وَمَنْ اَحَبَّنِىْ كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سُنّت کي زنده ڪيو ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[2]

حڪيم الاُمَّت مفتي احمديار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمانِ مصطفيٰ "**تنهنجي دل ۾ ڪنهن جو ڪينو نه هجي**" جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: يعني مسلمان ڀاءَ جي طرفان دنياوي اُمور ۾ صاف دل هجي، سينو ڪيني کان پاڪ هجي، تڏهن اُن ۾ انوارِ مدينه ايندا. وڌيڪ فرمائن ٿا: جيئن اعمال ۾ سنتن جي پابندي ثواب جو باعث آهي، دل صاف رکڻ، چڱو اخلاق هجڻ به سُنت آهي. جنهن سان رسول الله جو قرب حاصل ٿيندو. افسوس جو اڪثر ماڻهو هتي ٿڙڪي پوندا آهن. سنت جي

---

1...وسائل بخشش، صفحه:315۔
2 مشكوة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام ...الخ، فصل الثانى، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

اتباع جي دعوا هوندي آهي پر سينا بغض کان پريل هوندا آهن. الله پاڪ هن سُنت تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري.[1] اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ عشق رسول وڌائڻ سُنّتن تي هلڻ، نيڪ نمازي ٻڻجڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ** به آهي. قرآنِ مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي: احاديث ۾ هن طرح مضمون آهي: صبح هن حال ۾ ڪيو جو يا ته توهان عالم هجو يا علم دين جا طالب.[2] ۞ هڪ روايت جي مطابق صبح جي وقت قرآنِ مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[3] ۞ اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر جي نماز کان بعد تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن.۞ هن ۾ 3 قرآني آيتون. ۞ ان جو ترجمو ۽ تفسير ٻُڌي، ٻڌائي ويندي آهي. ۞ فيضانِ سُنّت مان درس ٿيندو آهي.۞ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي. ۞ دعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ اشراق، چاشت جا نفل به ادا ڪيا ويندا آهن. ۞ اوهان به تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شريڪ ٿيڻ جي عادت ٺاهيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ ساريون برڪتون ملنديون. حديث شريف جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ وڃي، ان کي عُمري جو ثواب ملندو آهي.[4] ۞ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو ته برڪت ملندي. ۞

---

1 مرآة المناجيح، جلد:1، صفحه:172 ملتقطًا۔

2 دارمی، المقدمۃ، باب فی ذھاب العلم، صفحہ:96، حدیث:254۔

3 ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حدیث:219 ۔

4 مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حدیث:317 ۔

سچو ڏينهن سنو گذرندو. ۞ صبح صبح علم دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو۞ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو. ۞ انهن جي محبّت دل ۾ ويهندي. ۞ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي روحاني توجهه ملندي ۞ ايمان تازو ٿيندو ۞ ان جي وسيلي سان ڪيل دعائون اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! پوريون ٿينديون ۞ هڪ وڏي برڪت اها آهي تہ نماز فجر کان نماز اشراق تائين مسجد ۾ رڪڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي ان تي عمل جي سعادت ملي ويندي. ۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو فجر جي نماز کان بعد ذڪرُالله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق، چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي.[1]

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14سال کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم هو. انهن کي هڪ پيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزائن جي لاءِ ڪيئي ڀيرا درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشِشن جي باوُجود ويزائون نہ ملي سگهيون. مُلازم نہ هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٽڻو پيو. خير هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ جي مَشوَري تي اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيہ شعر کي مُسلسل پڙهڻ شروع ڪيو. ان جي برڪت سان انهن جو اهو ڪم حَيرت اَنگيز طور تي ڪجهہ ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن کي گهربل تعداد ۾ ويزائون ملي ويون.[2]

مُشکِلیں حَل کر شَہِ مشکل کُشا کے واسطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957-

[2] شرح شجره قادريہ عطاريہ، صفحہ:175-

[3]...حدائقِ بخشش، صفحہ:148-

## "القرآن الكريم" ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ جو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو اينڊرائڊ موبائل (Android Mobile) يا آئي فون استعمال ڪري ٿو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي به نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Al Quran al kareem(القرآن الكريم)اها ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ * مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. * هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي (بڪ مارڪ) Bookmark به ڪري سگهجي ٿو يعني هر هر پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي سبب آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اڄ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ ٻين کي به قرآنِ پاڪ پڙهڻ، ٻڌڻ جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

| | |
|---|---|
| سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

1 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو! ( مسلم، كتابُ الطهارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرَة، صفحہ:153، حديث:257۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ هميشه هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي ته گهٽ ڪرائيندا هئا ❁ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارڪ کي پري ڍڪيندي هئي.( انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصةً)

❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❁ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي. ( بہارِ شريعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔)

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مكتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.